SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1983

SINDH ORDINANCE NO.I OF 1983

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1983

THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1957 جي P.O نمبر 5 جي آرٽيڪل 5 جي ترميم

Amendment of Article 5 of P.O.No.5 of 1957

3. 1957 جي P.O نمبر 5 جي آرٽيڪل 6_A جي ترميم

Amendment of Article 6_A of P.O.No.5 of 1957

4. 1957 جي P.O نمبر 5 جي آرٽيڪل 9 جي ترميم

Amendment of Article 9 of P.O.No.5 of 1957

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1983

SINDH ORDINANCE NO.I OF 1983

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1983

THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

[2 جنوري 1983]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1983 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾، جنهن کي 1957 جي P.O

هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊر سڌيو ويندو ان جي آرٽيڪل 5 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

نمبر 5 جي آرٽيڪل 5 جي ترميم

(گورننگ باڊي جي جوڙجڪ)

Amendment of Article 5 of P.O.No.5 of 1957

"5. (1) گورننگ باڊي ڪمشنر ڪراچي ڊويزن، ڊائريڪٽر جنرل ۽ يارنهن ميمبرن تي مشتمل هوندي جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا، پر اهي يارنهن کان وڌيڪ نہ هوندا.

(2) ڪمشنر ۽ ڊائريڪٽر جنرل ڪانسواءِ بہ ڪل وقتي ميمبر هوندا، پر ٻن کان گهٽ نہ هوندا.

(3) حڪومت ميمبرن منجهان هڪ ميمبر کي گورننگ باڊي جو چيئرمين مقرر ڪندي.

(4) ڪو بہ سرڪاري عهدي جي حساب سان ميمبر مقرر ڪيو وڃي ٿو تہ سندس انهيءَ عهدي يا رتبي ڇڏڻ تي، هو ميمبر رهي نہ سگهندو."

3. ڄاڻايل آرڊر ۾، آرٽيڪل 6_A ۾، شق (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

1957 جي P.O نمبر 5 جي آرٽيڪل 6_A جي ترميم

Amendment of Article 6_A of P.O.No.5 of 1957

"(1) ڪمشنر ۽ ڊائريڪٽر جنرل ڪانسواءِ، هر ميمبر:

(a) ٻن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکي سگهندو، جيستائين ڪيس اڳ ۾ هٽايو نہ وڃي، ۽ ان کانپوءِ اهڙي عرصي يا عرصن لاءِ ٻيهر مقرر ٿي سگهي ٿو پر هڪ وقت ٻن سالن کان وڌيڪ نہ هوندو، هر معاملي ۾ جيئن حڪومت طئي ڪري.

(b) اهڙو معاوضو فيس يا الائونسز حاصل ڪندو جيئي قاعدن ۾ بيان ڪيا ويندا يا جيئن حڪومت طئي ڪندي؛

(c) اهڙا ڪم ۽ ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيون ويون هجن يا جيئن اثارٽي کيس سونپي.

4. جاڻايل آرڊر جي آرٽيڪل 9 ۾، شق (2) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(2) گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو گهرجي، اڻپوري پاڻ کي هڪ سمجهي ڪٽيو ويندو."

Amendment of Article 9 of P.O.No.5 of 1957

1957 جي P.O نمبر 5 جي آرٽيڪل 9 جي ترميم

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.